# رجب جون بهارون

## (نفل روزن جون برڪتون)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رَجَب جون بهارون ۽ نفل روزن جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيِّدُنا ابو دَرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان رِوايت آهي تہ مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مُصطَفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جيڪو شَخص صبح ۽ شام مون تي ڏهہ ڏهہ ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو، قِيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ان کي ضرور ملندي. (الترغيب والترهيب، ڪتاب النوافل، الترغيب في آيات واذڪار... الخ، 312/1، حديث:991)

چارۂ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صَد ہزار
بے کسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ

يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو 2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ ”ترجموڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة [1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ آيت ئي هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ پڻ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ڀٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## رَجَب جو احترام ۽ ان جو انعام

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي مشهور زمانہ تاليف فيضانِ سُنّت(جلد اوّل) جي صفحي 1355 تي هڪ حِڪايت لکن ٿا:

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

**منقول آهي:** **حضرت** سيّدُنا عيسىٰ روح **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دؤر جو واقعو آهي تہ هڪ شخص ڪافي عرصي کان ڪنھن عورت تي عاشق هيو. هڪ ڀيري ان پنھنجي معشوقہ کي قابو ڪيو. ماڻھن جي هلچل کان ان اندازو لڳايو تہ ماڻھو چنڊ ڏسي رهيا آهن. ان عورت کان پُڇيو: ماڻھو ڪھڙي مهيني جو چنڊ ڏسي رهيا آهن؟ ان چيو: رجب جو". اهو شخص جيتوڻيڪ ڪافر هيو پر رجب شريف جو نالو ٻُڌندي ئي تعظيم خاطر هڪدم الگ ٿي ويو ۽ زنا کان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي حڪم ٿيو تہ اسان جي فلاڻي ٻانهي جي زيارت لاءِ وڃو. پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تشريف کڻي ويا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ پنھنجي تشريف آوريءَ جو سبب ارشاد فرمايائون. اهو ٻُڌندي ئي ان جي دل اسلام جي نور سان مُنور ٿي ۽ ان هڪدم اسلام قبول ڪري ورتو. (فيضانِ سنّت جلد اوّل، ص1355)

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو رجب جون بھارون! رَجَبُ الْمُرَجَّب جي تَعْظِيم جي ڪري جڏهن هڪ غير مُسْلِم کي اِيمان جي دولت نصيب ٿي وئي تہ ٿورو سوچيو تہ مسلمان ٿي انهي مهيني جي تعظيم ڪندي ان ۾ گناهہ نہ ڪري ڪوڙ، غيبت، چغلي، ڌوڪو، وعده خلافي وغيره وغيره گناهن کان وس آهر بچڻ جي ڪوشش ڪري ۽ سڄو مهينو عبادت ۽ رياضت ۾ گذاري، نمازن جي پابندي ڪري، اِشْراق ۽ چاشْت جا نفل پڑهي، تَهَجُّد نماز ادا ڪري، انهي مهيني جا نفلي روزا پڻ رکي، رات جو قِيام ۽ تلاوتِ قُرآن بہ ڪري اهڙو شخص الله جي طرفان ڪھڙن ڪھڙن انعامن ۽ نوازشن جو حقدار ٿيندو! بھرحال اسان کي گھرجي تہ جڏهن بہ اهو برڪت



www.dawateislami.net

پريو مهينو اچي تہ انهي ۾ خوب خوب عِبادَت ۽ رِياضَت ڪيون تہ جيئن الله جي رحمتن ۽ برڪتن سان مالا مال ٿيون.

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب!          صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

## رجب جا مختلف نالاءِ معنائون

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ڪفن جي واپسي ۽ رجب المرجب جون بهارون“جي صفحي 2 تي اِرشاد فرمائن ٿا:

”مڪاشفَةُ القُلُوب“ ۾ آهي: ”رجب“ دراصل تَرْجِيْب مان نڪتل آهي، ان جي معنيٰ آهي: ”تَعظِيم ڪرڻ“ ان ڪي **اَلْاَصَبّ** (يعني تيز وهڪرو) بہ چوندا آهن ان لاءِ جو هن مبارڪ مهيني ۾ توبہ ڪرڻ وارن تي رحمت (جي درياءَ) جو وهڪرو تيز ٿي ويندو آهي ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي اَنوار جو فيضان ٿيندو آهي ـ ان ڪي **اَلْاَصَمّ** (يعني بوڙو) بہ چوندا آهن چوتہ ان ۾ جنگ ۽ جَدَل جو آواز بلڪل ٻڌڻ ۾ ناهي ايندو. (مڪاشفة القلوب ص 301 دار الكُتُبُ العِلْمِية بيروت) ”غُنيةُ الطّالِبِين“ ۾ آهي تہ هن مهيني ڪي ”شهرِ رَجَم“ بہ چوندا آهن چو تہ هن ۾ شيطانن ڪي رَجَم يعني پٿر هنيا ويندا آهن تہ جيئن اهي مسلمانن ڪي ايذاء نہ ڏين. هن مهيني ڪي **اَصَمّ** (يعني بوڙو) بہ چوندا آهن چو تہ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم تي الله تعاليٰ جي عذاب نازل ٿيڻ جي باري ۾ نہ ٻُڌو ويو آهي، تہ الله تعاليٰ گذريل اُمتن ڪي هر مهيني ۾ عذاب ڏنو، ۽ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم ڪي عذاب نہ ڏنو. (غنية الطالبين ج 1 ص 319، 320)



www.dawateislami.net

## حُرمت وارا 4 مهينا

رَجَبُ الْمُرَجّب بہ انهن چئن مهينن مان هڪ آهي جنهن جي حُرمت ۽ عظمت جو بيان قرآن شريف ۾ ڪيو ويو آهي جيئن سُوْرَةُ التَّوْبَةِ جي آيت نمبر 36 ۾ انهن مهينن جي حرمت جي باري ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬

(پ 10 التوبة 36)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ٻارهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾، جڏهن کان ان آسمان ۽ زمين بڻايا انهن مان چار حرمت وارا آهن، هي سڌو دين آهي

مُفَسّرِ شَهير حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَةُ الْحَنَّان انهي آيت سڳوريءَ تحت فرمائن ٿا: (حرمت وارا مهينا چار آهن) ٽي تہ گڏجي اچن ٿا (يعني) ذُوالْقَعْده، ذُوالْحِجّہ، مُحَرَّم ۽ هڪ الڳ آهي يعني رجب، اهي چار ئي مهينا اسلام کان اڳ ۾ بہ احترام وارا سمجهيا ويندا هئا، (مزيد فرمائن ٿا) انهن جو احترام اڃا بہ باقي آهي انهن ۾ عبادتون ڪيون وڃن، گناهن کان بچيو وڃي، انهي مان معلوم ٿيو تہ سمورا مهينا، سڀ ئي ڏينهن، تمام جماعتون، درجي ۾ برابر نہ آهن تہ انسان پاڻ ۾ برابر ڪيئن ٿي سگهن ٿا.

(تفسير خزائن العرفان، ص 306 ملخصاً)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي غور جهڙي ڳالهہ آهي تہ جڏهن مهينا پاڻ ۾ مرتبي ۽ مقام جي لحاظ کان برابر نہ آهن تہ سيئي انسان برابر ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ يقيناً الله جا سيئي ولين ۽ نبين کي رب تعالي جي بارگاهہ ۾ هڪ خاص مقام ۽ مرتبو حاصل هوندو آهي، جنهن سبب اهي پاڪ هستيون



www.dawateislami.net

عام انسانن کان افضل هوندا آهن، ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهي مهينا اسلام کان اڳ ۾ بہ احترام وارا هئا، ۽ اسلام بہ انهن مهينن جي احترام کي باقي رکيو بلڪ ان جي احترام کي وڌيڪ ڪيو آهي ۽ انهن مهينن ۾ خُصُوصِيت سان گناهن کان پري رهڻ جو حڪم ڏنو آهي جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

فَلَا تَظۡلِمُوۡا فِيۡهِنَّ اَنۡفُسَكُمۡ

ترجمو ڪنزالايمان: تہ هنن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪريو

يعني هتي اهو ٻڌايو ويو تہ انهن مهينن جي عزت انهي طرح ڪريو ۽ انهن کي احترام لائق ائين ناهيو جو خصوصيّت سان انهن چئن مهينن ۾ گناه نہ ڪريو جو انهن ۾ گناه ڪرڻ پنهنجي مٿان ظلم آهي يا پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ظلم نہ ڪريو. (نورالعرفان ص 306) انهي ڪري اسان کي کپي تہ ان مبارڪ مهيني جي اچڻ تي اسان پنهنجي نيڪين ۾ اضافو ڪيون، عِبادَت ۽ رِياضَت ۾مصروف ٿيون، گناهن کان ناتو ٽوڙي پنهنجي رب سان ناتو ڳنڍيون، ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وَعْده خِلافي، گار گند، والِدَين جي نافرماني، مُسَلمانن جي دِل آزاري، رِشتيدارن سان قَطَع تَعَلُّقي، فلمن ڊرامن ۽ هر گناهن کان بچندي اڳوڻن گناهن کان سچي توبہ ڪيون، ۽ آئنده گناه نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيون ۽ نماز ۽ ٻين احڪامن جي پابندي ڪرڻ سان گڏوگڏ نفل ۽ مستحبن کي بہ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## گناهن تي جرئت مند مسلمان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! حالات سڌرڻ بدران روزانو بگڙجندا پيا وڃن، في زماني مسلمانن جي ڪردار جي بدحالي ۽ انهن جي اخلاق جي



www.dawateislami.net

پستي ڪنهن کان لڪل ناهي، گناهن جا ذريعا ايتري قدر عام ٿي چڪا آهن جو هر ڪينل قدم انسان کي چاهيندي ناچاهيندي ڪنهن نہ ڪنهن گناهہ جي طرف ڪٽي پيو وڃي، هاڻ ڪجهہ عرصو اڳ جي ڳالهہ آهي ماڻهو ريڊيو تي گانا ۽ ڊراما ٻڌندا هئا، پوءِ وري ٽي وي ايجاد ٿي تہ آواز سان گڏ تصوير پڻ نظر اچڻ لڳي پر ان ۾ اها گهٽتائي هئي تہ ان ۾ جيڪو ڏيکاريو ويندو هو.

رڳو اهو ڏسي سگهندا هياسين، پنهنجي مرضي ڪي ڪو دخل نہ هو پر وي. سي. آر جي ايجاد کان اها ڪمي بہ پوري ٿي وئي پوءِ لاڳيتو ڊش انٽينا، ڪيبل حيا سوز مناظر ڏسڻ جي سوين موقعا فراهم ڪري گناهن جي رفتار ۾ وڌيڪ تيزي پيدا ڪري ڇڏي پر هر وقت فلمون ڊراما ۽ گانا باجا ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارن ڪي هڪ جڳهہ تي جمي ويهڻو پوندو هو ڇوتہ ٽي وي وڏي هوندي آهي هروقت ان کي گڏ رکڻ ممڪن نہ هو انهي ڪري MP3،MP4 ۽ موبائل فون جهڙا ننڍا اليڪٽرونڪ آلات بلڪ موبائل ۾ موجود انٽرنيٽ جي تمام تر سهولتن گناهہ ڪرڻ واري راهہ ۾ درپيش سيني رڪاوٽن کي دور ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح معاشري جا بي شمار افراد انهن شين جي فضول استعمال جي ذريعي گناهن جي گهرائي ۾ ڦاسندا پيا وڃن ۽ وڌيڪ افسوس اهو تہ ڏينهن ۾ خبر ناهي ڪيترا گناهہ ڪندا آهيون پر توبہ ۽ شرمساري تہ پري جي ڳالهہ رهي ان جو احساس بہ ناهي ٿيندو،

اڄ فلمون ڊراما ڏسي، گانا باجا ٻڌي ڪوڙ، غيبت، تهمت، چُغْلي، وعده خِلافي، بدگُماني ۽ گارگند جهڙن گناهن ۾ ڦاسي والدين جي نافرماني مسلمانن جي حق تلفي ۽ دل آزاري، چوري، ڌاڙن، قتل غارت گري ۽ شراب نوشي جهڙن ڪبيره گناهن ۾ پئجي ڪنهن جو مٿو شرم وچان جهڪي ٿو؟ ڪير آهي جيڪو انهن گناهن ۾ مبتلا ٿي افسوس ڪندي نظر ايندو آهي؟



www.dawateislami.net

ڪير آهي جيڪو نمازون قضا ٿيڻ تي ندامت جا لڙڪ وهائي ٿو؟ اڄڪلهہ تہ عام طور تي نمازي نظر اچڻ وارا بہ فجر جي نماز ۾ سستي ڪندا آهن ۽ ان تي افسوس بہ ناهي ٿيندو، انهي جي ابتڙ جيڪڏهن (9:00) بجي آفيس پهچڻو آهي تہ ساڍي اٺ (8:30) بجي اک کلي تہ فڪر سبب پريشان ٿيندا آهيون تہ ڪڏهن ناشتو ڪندس، ڪڏهن تيار ٿيندس ۽ ڪڏهن دفتر ۾ پهچندس انهي تہ بس ناهي بلڪ گهروارن کي بہ دڙڪا بہ ڏيندا آهيون تہ جلدي چو نہ اٿاريو؟

آفيس جي ليٽ اٿڻ تي افسوس ٿيندو آهي پر فجر ۾ اک نہ کلڻ تي ڪا شرمندگي ناهي ٿيندي، ليٽ ٿيڻ جي صورت ۾ پگهار ڪٽجڻ جو خوف هوندو آهي پر فجر جي نماز نہ پڙهڻ سبب جيڪو دردناڪ عذاب ٿي سگهي ٿو ان جو ڪو خوف ناهي، اڄ جو نوجوان سون جي چين ۽ مختلف ڌاتن جون منڊيون، ڪنن ۾ واليون اهڙو لباس جيڪو بي پردگي جو باعث بڻجي ۽ ڪپڙا پائي عورتن جيان وڏا وار رکڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو، پيءُ پنهنجي بي پرده فيشن زده ڇوڪري کي ڏسي فخر ڪري ٿو مڱڻيءَ ۾ ڇوڪرو ڇوڪري جو هٿ جهلي ان کي منڱڻي جي منڊي پارائي ڪيئي ناجائز ۽ حرام ڪمن جو مظاهرو ٿئي ٿو تہ ماڻهو خوشي ۾ آپي کان ٻاهر هوندا آهن،

اهڙي طرح رسول الله جي مبارڪ سنت ڏاڙهي ڪٽائڻ ۽ مغربي فيشن جي مطابق لباس اپنائڻ تي بہ فخر ڪيو ويندو آهي مطلب تہ اهڙا ڪافي ڪم آهن جيڪي شرعاً ناجائز وحرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارا ڪم آهن پر بدقسمتي سان اڄ جو مسلمان الله ۽ ان جي پياري رسول جي منع ڪرڻ باوجود انهن ڪمن کي فخريہ انداز سان نہ صرف پاڻ ڪري ٿو بلڪ انهن تي وڏائي بہ ڪري ٿو، ٻئي طرف انهن جي تشهير پڻ ڪري ٿو، هاڻي نوبت ايستائين پهتي جو جيڪڏهن ڪو شخص مدني ماحول جي بدولت ڪو



www.dawateislami.net

نيڪ ڪم ڪرڻ چاهي، مثال طور ڪا اسلامي ڀيڻ شرعي پردو ڪرڻ چاهي ته يا ڪو اسلامي ڀاء سنت جي مطابق ڏاڙهي رکڻ چاهي ته ان جي راهه ۾ رڪاوٽون وڌيون وينديون آهن ۽ ان تي طنز ۽ مذاق جا تير وسايا ويندا آهن.

اے خاصہ خاصانِ رُسل وقتِ دُعا ہے
اُمّت پہ تري آ کے عجَب وقت پڑا ہے

## گُناهه تي گُناهه! آخر ڇو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذرا سوچيو! ائين ڇو آهي؟ اسان گناهن جي گهرائي ۾ غرق ٿيندا پيا وڃون، پر اسان کي ڪا فڪر ناهي؟ ڏينهن رات گناهن ۾ مصروف آهيون پر اسان کي گهٻراهٽ ناهي ٿيندي، آخر ائين ڇو آهي؟ ڪٿي ائين ته ناهي ته اسان گناهه ڪندي ڪندي گناهن جا ايترا ته عادي ٿي ويا آهيون جو گناهن کان پوءِ ڪوئي احساس ناهي رهيو. ياد رکو! بعض بزرگن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جن فرمايو آهي بيشڪ گناهه ڪرڻ سان دل ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ دل جي سختي جي نشاني اها آهي ته گناهن تي گهٻراهٽ ناهي ٿيندي يعني عبادت جي لاءِ موقعو ناهي ملندو، نصيحت جو فائدو ناهي ٿيندو (يعني نصيحت ۽ بيان ٻڌي دل تي اثر ناهي ٿيندو)

(غيبت جون تباهه ڪاريون، ص429)

رسولِ اڪرم، نورِمُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان معظم آهي: ”جڏهن ڪو ٻانهو گناهه ڪندو آهي ته ان جي دل تي هڪ ڪارو نڪتو لڳندو آهي پر جڏهن اهو الله تعالي سان بخشش طلب ڪندو آهي ۽ توبه ڪندو آهي ته ان جي دل صاف ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو (توبه ڪرڻ بدران) گناهه



www.dawateislami.net

ڪندو آهي تہ ڪاراڻ وڌي ويندي آهي ايستائين جو ان جي دل سڄي ڪاري ٿي ويندي آهي“ .[1]

مُحیط دل پہ ہُوا ہائے نفسِ امّارہ
دماغ پر مرے ابلیس چھا گیا یارَبّ!

میں کرکے توبہ پلٹ کر گُناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یارَبّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رَجَب الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي

حضرت سَيِدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مَرْوي آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خَيْرَةُ اللهِ مِنَ الشُّهُوْرِ شَهْرُ رَجَبٍ وَهُوَ شَهْرُ اللهِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پسنديده مهينن ۾ رجب جو مهينو آهي اهو الله جو مهينو آهي. مَنْ عَظَّمَ شَهْرَ رَجَبٍ فَقَدْ عَظَّمَ اَمْرَ اللهِ جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي مهيني رَجَبُ الْمُرَجَّب جي تَعْظِيم ڪئي، ان الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي تَعْظِيم ڪئي. وَ مَنْ عَظَّمَ اَمْرَ اللهِ اَدْخَلَهُ جَنَّاتِ النَّعِيمِ وَ اَوْجَبَ لَهُ رِضْوَانَهُ الْاَكْبَرَ ۽ جنهن خُدا تعاليٰ جي حڪم جي تعظيم ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي نعمتن وارن باغن ۾ داخل ڪندو ۽ ان جي لاءِ پنهنجي وڏي رضا واجب ڪندو.

(شعب الايمان:374/3،حديث 3813)

---

[1] ترمذی، كتاب التفسير، باب ومن سورة ويلللمطففين،۵ /۲۲۰، حديث: ۳۳۴۵



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً هن حديث شريف ۾ رَجَبُ المُرَجَّب جي زبردست شان ۽ عظمت جي خبر پوي ٿي ۽ اها ائين ته سمورا مهينا الله جا آهن ۽ سڀني کي ان پيدا ڪيو آهي پر خُصُوصِيت سان رجب جي باري ۾ فرمايو ويو ته رَجَبُ الْمُرَجَّب، الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي، ۽ حديث شريف ۾ اهو به فرمايو ويو ته جنهن هن مهيني جي تعظيم ڪئي الله ان کي نعمتن وارا باغ عطا فرمائيندو ۽ ان سان راضي ٿي ويندو، يقيناً اسان مان هر هڪ جي خواهش هوندي ته الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪان راضي ٿي وڃي ۽ هر ڪو اهو چاهيندو آهي ته اهو عذاب کان نجات حاصل ڪري، جنت ۾ داخل ٿئي، ته انهي خواهش کي پورو ڪرڻ جي سببن مان هڪ سبب رجب جي تعظيم ڪرڻ به آهي،

اسان کي گهرجي ته هن مهيني جي تعظيم ڪيون، ائين جو هن کي عبادت ۽ رياضت سان گذاريون، هن ۾ پنهنجي پاڻ کي گناهن کان بچايون ۽ نيڪين جي خوب ڪثرت ڪري هن مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيون، تلاوتِ قرآن ڪيون، نفل پڙهون، اِشْراق و چاشت ۽ اوّابين جا نفل ادا ڪيون، جيترا ٿي سگهن روزا رکون ۽ علم دين حاصل ڪرڻ جي نيت سان مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتابن جو مطالعو ڪيون وغيره، پر افسوس ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد اهڙو به آهي جيڪو انهي مقدس مهيني جي ڪا پرواهه ناهي ڪندو، انهيءَ مبارڪ مهيني ۾ عبادت ۽ رياضت ته پري رهي ان کي اها به خبر ناهي هوندي ته اهو مهينو ڪڏهن آيو ۽ ڪڏهن ويو، انهن کي اندازو ئي ناهي هوندو ته اهو به ڪو قابلِ احترام مهينو آهي،

اهو ئي سبب آهي ماڻهو پنهنجي زندگي جي ٻين ڏينهن جيان هن کي به غفلت ۽ سستي ۾ گذاريندا آهن، ۽ شايد ان جو سبب اهو به آهي جو عام



www.dawateislami.net

طور ماڻهن کي اهڙو سٺو ماحول ميسر ناهي هوندو جو گناهن کان بچڻ سان گڏوگڏ نيڪيون ڪرڻ ۽ انهن مبارڪن مهينن جي استقبال ۽ ان جي تعظيم جو ذهن ڏنو ويندو هجي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ نہ رڳو انهن مقدس مهينن جي تعظيم جو ذهن ڏنو ويندو آهي بلڪ انهي تي عمل بہ ڪرائڻ جي بہ ترغيب ڏياري ويندي آهي، انهي ڪري اسان سڀ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون تہ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ ۽ انهن مقدس مهينن جي تعظيم ڪرڻ اسان جي لاءِ آسان ٿي ويندي، يقيين ڪريو نيڪ بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ في زماني دعوت اسلامي جو ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي،

اسان کي گهرجي تہ نہ رڳو اسان پاڻ انهي مدني ماحول سان وابستہ رهون بلڪ ٻين کي بہ انهي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي ترغيب ڏيون، ياد رکو! اوهان جي نيڪي جي دعوت سان صرف هڪ شخص بہ عشق رسول جو جام پي ڪري، راهِ هدايت حاصل ڪئي ۽ ان کي دعوت اسلامي جو مدني ماحول پسند اچي ويو، اهو سنت جي راهہ تي اچي ويو، نمازن جي لذت ملي وئي پنهنجو پاڻ کي نيڪ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اوهان جو بہ بيڙو پار ٿي ويندو.

هڪ روايت ۾ آهي: نبي حاشر، رسول صابر و شاڪر، محبوب ربِّ قادر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا **عليُّ المُرتَضي شير خدا** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي ارشاد فرمايو: اي علي! الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ذريعي ڪنهن شخص



www.dawateislami.net

ڪي سڌي راھ تي وٺي اچي ٿـ ھي توھان جي لاءِ ان تمام شين کان افضل آھي جنھن تي سج اڀرندو آھي. (يعني دنيا جي سڀني شين کان بھتر آھي). (المعجم الكبير للطبراني ج 1 ص 332 حديث 994) (اَلْمُعْجَمُ الْكبِير لِلطَّبَراني ج 1 ص 332 حديث 994از نيڪي ڪي دعوت304)

رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم
کریں نہ رُخ مرے پاؤں گُناہ کا یارَبّ!
کرم سے نیکی کی دعوت کا خوب جذبہ دے
دوں دُھوم سنَّتِ محبوب کی مچا یارَبّ!

(وسائلِ بخشش، ص77)

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## احاديثِ مُبَارَڪ ۾ رَجَب جا فضائل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ”رَجَب“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان رجب جي فضيلتن تي مُشْتَمِل ٽي حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ھڪ پيري صحابہ ڪِرام رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين کي اِرْشاد فرمايو: توھان تي لازم آھي تہ رجب جي مھيني جون راتيون قيام ۾ گذاريو ۽ ان جا ڏينھن روزي جي حالت ۾ گذاريو ۽ جيڪو شخص ھن مھيني جي ڪنھن ڏينھن پنجاھ رڪعتون نماز پڙھي، اھڙي طرح جو ھر رڪعت ۾ وس آھر قرآن شريف جي تلاوت ڪري تہ الله تعاليٰ ان شخص کي ان جي وارن ۽ رؤن (يعني جسم جي وار وار) جي برابر نيڪيون عطا ڪندو. (تاريخ دمشق، 43/ 291، ذكر علي بن يعقوب بن يوسف بن عمران البلاذري)

2. ھڪ ڀيري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَجَب جي مھيني ۾ جُمُعي جو



www.dawateislami.net

خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ اوهان وٽ عظيم مهينو اچڻ وارو آهي، هن مهيني ۾ نيڪين جو اجر ٻيڻو ٿي ويندو آهي، هن ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن، هن ۾ مشڪلاتون حل ٿينديون آهن ۽ هن مهيني ۾ مؤمن جي دعا رد ناهي ٿيندي، بس هن مهيني ۾ جيڪو شخص ڪو ڀلائي جو ڪم ڪندو ته ان کي ڪيئي ڀيرا وڌيڪ اجر ڏنو ويندو آهي. (تاريخ دمشق، 43 /291، ذڪر علي بن يعقوب بن يوسف بن عمران البلاذري)

3. سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نِشان آهي: رَجَب جي مهيني ۾ اِستِغْفار جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هن جي هر گهڙي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ باهه کان ڇوٽڪارو عطا ڪندو آهي. (ڪنزالعمال، ج1،حصه اول،ص243، ڪتاب الاذڪار،الفصل الاول في الاستغفار، حديث:2098)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان حديث شريفن ۾ هن مهيني جا ڪيترا نه عظيم فضائل بيان ڪيا ويا آهن، خاص ڪري پهرين حديث اسان کي هڪ زبردست مدني سوچ عطا ڪري ٿي ۽ اها هي ته پياري آقا، مڪي مَدَني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رَجَبُ الْمُرجَّب جي راتين ۾ خوب عبادت ڪرڻ ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ جي، جڏهن صحابه ڪِرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين کي تاڪيد فرمائي آهي ته اسان کي هن مهيني ۾ ڪيتري قدر عبادت ۽ رياضت جي ضرورت آهي، ۽ ٻين حديثن ۾ فرمايو ويو ته رجب جو مهينو اهڙو عظيم مهينو آهي جو هن ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن، ۽ مشڪلاتون حل ٿينديون آهن ۽ هن مهيني ۾ ڪيل نيڪين جو اجر وڌايو ويندو آهي.

جڏهن ته آخري حديث ۾ هڪ نصيحت ۽ هڪ خوشخبري ڏني وئي آهي، نصيحت اها ته رجب جي مهيني ۾ استغفار جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي



www.dawateislami.net

۽ خوشخبري اها تہ هن مقدس مهيني جي هر گهڙي ۾ الله ڪيترن ئي ماڻهن کي دوزخ جي باھ کان نجات جو پروانو عطا ڪندو آهي، انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هن مهيني ۾ اِستغفار جي ڪثرت ڪيون تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي بہ جهنّم کان آزادي ماڻڻ وارن خوشنصيبن ۾ شامل ڪري ڇڏي،

**ياد رکو!** زندگي ۾ توبہ جي توفيق ۽ ان جو موقعو ملڻ تمام وڏي سعادت جي ڳالھ آهي، ائين تہ ڪافي ماڻهن جي زندگي ۾ شبِ مِعراج، شبِ براءت ۽ شبِ قدر جهڙيون مُقَدَّس راتيون ۽ اهڙي طرح رجب، شعبان ۽ رَمَضان جهڙا مبارڪ مهينا بار بار ايندا آهن پر انهن کي توبہ جي توفيق ناهي ملندي، بلڪ ڪافي ماڻهو تہ شايد انهن بابرڪت گهڙين ۾ بہ هر ڀيري اهو سوچي ڪري رهجي ويندا هوندا تہ اجا زندگي گهٽي پئي آهي پوءِ توبہ ڪنداسين.

پر افسوس توبہ کان غفلت ڪندي انهن کي آخرڪار موت اچي ويندو آهي، واقعي زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي، موت جو ڪو پتو ناهي، انهيءَ ڪري اسان کي هرگز توبہ ۽ استغفار کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، خود رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمّت جي ترغيب جي لاءِ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا توبہ ڪندا هئا جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 656 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ رياضُ الصَّالحين" جِلْد اوّل جي صفحي نمبر164 تي آهي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: يَا اَيُّهَا النَّاسُ تُوْبُوْا اِلَى اللهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ، فَاِنِّيْ اَتُوْبُ فِي الْيَوْمِ اِلَيْهِ مِائَةَ مَرَّةٍ (مسلم، ڪتاب الذڪر والدعا والتوبة والاستغفار، باب استحباب الاستغفار والاستڪثار منه، ص1449، حديث:2703)



www.dawateislami.net

اي انسانو! الله کان توبہ ڪيو ۽ ان کان بخشش گهرو بيشڪ مان بہ روزانو 100 ڀيرا الله جي بارگاھ ۾ توبہ ڪيان ٿو. (فيضانِ اِحياءُ العلوم، ص 164)

مُفسّرِ شَهير، حڪيمُ الأُمَّت مُفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَةُ الحَنَّان فرمائن ٿا: توبہ ۽ استغفار بہ نماز روزي جيان عبادت آهي، انهي ڪري حُضُورِ اَنْور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان توبہ ۽ استغفار ڪندا هئا، نہ تہ حُضُورِ اَنوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَعصُوم آهن، گناھ سندن جي ويجهو بہ نہ ايندو هو، صوفي سڳورا فرمائن ٿا اسان ماٺهو گناھ ڪري توبہ ڪندا آهيون جڏهن تہ اهي حضرات عبادت ڪري توبہ ڪندا هئا.

(ملخصَ ازمرأة المناجيح، 3/ 353از فيضانِ رياض الصالحين، ص 167)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِستِغْفَار ڪرڻ جون بي شُمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، ياد رکو! استغفار جو مطلب آهي مغفرت طلب ڪرڻ، گناهن جي معافي گهرڻ، بخشش گهرڻ الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ استغفار جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۪ وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۪

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهي جڏهن ڪا بي حيائي يا پاڻ تي ظلم ڪري ويهندا آهن تہ الله کي ياد ڪري پنهنجي گناهن جي معافي گهرندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪير گناھ معاف ڪندو

تفسيرِ دُرّ مَنثُور ۾ آهي جڏهن اها آيت سڳوري نازل ٿي تہ ابليس دانهون ڪري پنهنجي لشڪر کي سڏيو، پنهنجي مٿي تي مٽي وڌي ۽



www.dawateislami.net

خوب آھ و زاري ڪئي، ايستائين جو سڄي ڪائنات مان ان جا چيلا جمع ٿي ويا ۽ چيائون: اي اسان جا سردار اوھان کي ڇا ٿيو؟ ان چيو: قرآن ۾ ھڪ اھڙي آيت نازل ٿي آھي ان کان پوءِ ڪنھن بہ بني آدم کي ڪو گناھ نقصان نہ ڏيندو“ ان جي لشڪرين چيو: اھا آيت ڪھڙي آھي؟ ابليس انھن کي (مٿي ڏنل آيت جي) خبر ڏني، تہ انھن جي چيلن چيو: اسان انھن تي خواھشن جا دروازا کولي ڇڏينداسين تہ اھي توبہ ۽ استغفار نہ ڪري سگھندا ۽ اھي انھي خيال ۾ ھوندا تہ اسان حق تہ آھيون اھو ٻڌي شيطان خوش ٿي ويو.“ (درمنثور،پ ۴، أل عمران، تحت الآية ۱۳۵ ، ۲/۳۲٦)

## توبہ جي راھ ۾ رڪاوٹ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حڪايت ۾ شيطان جي چيلن جو اھو چوڻ نھايت ڳڻتي جوڳو آھي تہ اسان انھن تي خواھشات جا در کولي ڇڏينداسين تہ اھي توبہ ۽ استغفار نہ ڪري سگھندا ۽ اھي انھي خيال ۾ ھوندا تہ اھي حق تي آھن، ڄڻ تہ شيطان جي اھا ڳالھ اسان جي لاءِ ھڪ چيلنج جي حثيت رکي ٿي، انھي ڪري اسان کي اھو چيلنج قبول ڪندي عمل جي ميدان ۾ اچڻ گھرجي ۽ پاڻ سان اھو عھد ڪرڻ گھرجي تہ اسان ھر بري ڪم کان نہ رڳو پاڻ بچنداسين بلڪ ٻين کي نيڪي جو حڪم ڏينداسين ۽ برائي کان منع ڪنداسين ۽ جيڪڏھن بتقاضاءِ بشريت اسان کان ڪو گناھ ٿيو تہ عجز (عاجزي ۽ ندامت) شرمساريءَ سان ھڪدم پنھنجي رب کان معافي گھرنداسين.



www.dawateislami.net

# اچو! گنهگار مغفرت حاصل ڪريو

حضرت سَيِدُنا ابُوسعيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشادد فرمايو: شيطان الله جي بارگاھ ۾ چيو: وَعِزَّتِكَ يَارَبِّ لَا اَبْرَحُ اُغْوِیْ عِبَادَكَ مَا دَامَتْ اَرْوَاحُهُمْ فِيْ اَجْسَادِهِمْ يعني اي منهنجا رب! تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! جيستائين ماڻهن جي جسم ۾ روح باقي آهي آئون انهن کي بهڪائيندو رهندس، الله تعاليٰ ارشاد فرمايو: وَعِزَّتِيْ وَجَلَالِيْ لَا اَزَالُ اَغْفِرُ لَهُمْ مَا اسْتَغْفَرُوْنِيْ يعني مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! جستائين اهي مون کان مغفرت طلب ڪندا مان انهن جي مغفرت ڪندو رهندس.“ (1)

ياد رکو! اِستغفار (توبہ) جتي گناهن سان ڪارڻ دل جي مير صاف ڪرڻ جو سبب آهي اتي اها هڪ بهترين دعا پڻ آهي، ۽ آساني سان نيڪيون ڪرڻ جو ذريعو بہ، حديث شريف ۾ آهي جيڪو شخص مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ اِستغفار (مغفرت جي دعا) ڪندو آهي، الله ان کي هر مؤمن مرد ۽ عورت جي بدلي ۾ نيڪي عطا فرمائيندو آهي.

(ڪنزالعمال، ج1،حصه اول،ص241، ڪتاب الاذڪار،الفصل الاول في الاستغفار، حديث:2064)

انهيءَ ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ مغفرت جي پنهنجي لاءِ دعا ڪيون تہ پنهنجن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي بہ ان ۾ ضرور

---

[1] مسندامام احمد،مسند ابي سعيد الخدري، ۵۸/۴، حديث:۱۱۲۳۷



www.dawateislami.net

شامل ڪيون، مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 419 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”مدني پنج سوره“ جي صفحي نمبر 140 تي آهي:

حَضرتِ سَيِّدُنا عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ مَحْبوبِ رَبِّ ذُوالْجلال، صاحبِ جُود و نَوال صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن استغفار کي پاڻ تي لازمي ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر پريشاني ختم فرمائيندو ۽ هر تنگي (يعني مشڪل) کان ان کي آساني عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ تان رزق عطا فرمائيندو جتان ان کي گمان بہ نہ هوندو.

(ابنِ ماجه، ڪتاب الادب، باب الاستغفار 257/4حديث: 3819)

مجھ خطاکار پر بھی عطا کر
بے سَبَب بَخْش دے رَبِّ اکبر
مجھ کو دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
مَغفِرت کا ہوں تجھ سے سوالی
پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گُناہگار کی اِلتِجا ہے
یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش، ص135،136)

## ڪتاب”مدني پنج سُوره“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان اِسْتِغْفار جي فضيلت ٻڌي اها مدني پنج سوره مان بيان ڪئي وئي آهي، ”مدني پنج سوره“ درحقيقت شيخِ طريقت، اَمِيرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي، 419 صفحن تي مُشتمل اهو بهترين ڪتاب آهي جيڪو مَشهور قرآني سُورَتن، دُرُودن، رُوحاني ۽ طِبّي علاجن اور خُوشبودار مدني گلن جو دِلچسپ مدني گُلدستو آهي، انهي اهم ڪتاب جو هر گهر ۾ هئڻ نهايت ضروري آهي، جي ها! شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسُنّت



www.dawateislami.net

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خُود هن جي باري ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ ”مدني پنج سوره هر گهر جي ضرورت آهي“ انهيءَ ڪري سيئي اسلامي ڀائر ڀاڻ بہ اهو ڪتاب پڙهن بلڪ ٻين کي بہ سٺين نيتن سان تحفي ۾ پيش ڪن يا انهن کي هديةً وٺي پڙهڻ جو مشورو ڏين

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين تہ رَجَبُ الْمُرَجَّب جو پوروم مهينو الله جي فضل ۽ ڪرم سان رحمتن ۽ برڪتن ڀريو آهي پر مختلف روايتن مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ هن جو پهريون ۽ ستاويهون ڏينهن نهايت اهميت وارو آهي، انهيءَ ڪري ان ۾ خاص عبادت جو اهتمام ڪرڻ گهرجي، جيئن تہ

## رَجَب جا خاص ڏينهن ۽ راتيون

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا مَوْلٰي مشڪل ڪُشا، عَلِيُّ المُرتَضٰي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم هن مهيني جي پهرين رات خاص اهتمام سان عبادت ڪندا هئا، منقول آهي امير المومنين حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم جن جو دستور (يعني طريقو) هيو تہ پاڻ هر سال ۾ چار راتيون هر ڪم ڪان آجا ٿي عبادت جي لاءِ مخصوص فرمائيندا هئا. (يعني انهن چئن راتين ۾ خاص ڪري عبادت ڪندا هئا اهي هي آهن) رجب جي پهرين رات، عيدالفطر جي رات، بقر عيد جي رات ۽ شعبان جي پندرهين رات. (غنية الطالبين ص359)

حَضْرتِ سيدُنا خالِد بن مَعْدان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: سال ۾ پنج راتيون اهڙيون آهن ثواب جي نيت سان هنن کي عبادت ۾ گذاريو وڃي تہ الله



www.dawateislami.net

تعاليٰ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو (ان مان هڪ رات) رجب جي پهرين رات بہ آهي. (غُنيۃُ الطالبين ص236ملخصا،دار احياء التراث العربي بيروت)

جهڙي طرح رجب جي پهرين رات نهايت اهم آهي اهڙي طرح ان جي ستاويهن تاريخ بہ نهايت فضيلت واري آهي، ڇوتہ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ پياري آقا، مکي مَدَني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن پهرين وحي موڪلي وئي ۽ انهي رات سرڪار دو عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مِعْراج جي لاءِ تشريف کڻي ويا، اهو ئي سبب آهي جو ستاويهن رات عبادت ڪرڻ ۽ انهيءَ ڏينهن روزو رکڻ واري خوشنصيب کي تمام گهڻو اجر ۽ ثواب عطا ڪيو ويندو آهي. انهي باري ۾ 3 فرمان مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. ستاويهہ رَجَب مون کي نبوت عطا ڪئي وئي جيڪو انهي ڏينهن جو روزو رکي ۽ افطار جي وقت دعا گهري، ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو ٿيندو. (فتاويٰ رضويه ، ج10ص648،از فيضانِ سنّت، ص1367)
2. ستّاويهہ رجب المرجب ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري کي 100 سالن جو ثواب ملندو آهي. (شُعَب الايمان ج3ص374حديث3812)
3. رَجَب ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات اهڙي بہ آهي جيڪو انهي ڏينهن جو روزو رکي ۽ اها رات نفلن ۾ گذاري، اها 100 سالن جي روزن جي برابر آهي، ۽ اها ستاويهہ رجب آهي، انهي تاريخ تي الله عَزَّوَجَلَّ محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مبعوث فرمايو. (شُعَبُ الْايمان ج3ص373حديث3811)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جهڙن گناهگارن جي لاءِ رَجَبُ الْمُرَجَّب جي ستاويهين تاريخ الله عَزَّوَجَلَّ جو عطا ڪيل ڪهڙو نہ عظيم



www.dawateislami.net

الشان تحفو آهي، جيڪو شخص اخلاص سان هن ۾ روزو رکي، ان جي ڏهن سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا آهن ۽ جيڪو خوشنصيب انهي رات ۾ نفل پڙهي ۽ عبادت جي سعادت حاصل ڪري ان کي 100 سالن جي روزن جي برابر ثواب عطا ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن اسان بہ ستاويهين رات عبادت ۾ گذاريون ۽ ڏينهن جو روزو رکون تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان وڏي اميد آهي تہ اهي سڀ ئي فضيلتون ملي سگهن ٿيون.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت شبِ مِعْراجُ النَّبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ هر سال ستاويهہ رَجَبُ المُرجَّب تي مختلف هنڌن تي اِجْتماعاتِ ذِڪر و نعت جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان بہ اها عظيم الشان رات آساني سان عبادت ۾ گذارڻ جا خواهش مند آهيون تہ اسان کي گهرجي تہ عاشقان رسول جي صحبت ۾ ذِڪر و نعت جي انهن برڪت ڀرين اجتماعن ۾ لازمي شرڪت ڪيون، زهي نصيب روزي رکڻ جي سعادت بہ حاصل ڪيون، اهڙي طرح آساني سان سڄي رات عبادت ۾ بہ گذري ويندي ۽ ڏينهن جو روزي جي سعادت بہ ملي ويندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ساهه جو ڪو ڀروسو ناهي خبر ناهي ڪهڙي وقت اهو ساهه رڪجي وڃي ۽ ان سان گڏ اسان جي عملن جو سلسلو بہ بند ٿي وڃي، انهي ڪري نيڪين جو ڪو بہ موقعو هٿ مان نہ وڃڻ ڏيون، جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان زندگي ۾ هڪ ڀيرو بہ رجب جو مهينو نصيب ٿئي تہ هن کي پنهنجي خوش نصيبي سمجهندي صرف ڀرين ۽ ستاويهين رات جو روزو رکڻ بدران جيترو ٿي سگهي هن مهيني جا اڪثر ڏينهن روزا رکي گذاريون، ڪهڙي خبر تہ اهو اسان جي زندگي جو



www.dawateislami.net

آخري رجب هجي، حديث شريف ۾ به رجب جي نفلي روزن جي تمام گهڻي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي، اچو انهي جي باري ۾ 4 حديثون ٻڌون ٿا:

## نفلي روزن جون عظيم الشان فضيلتون

1. حَضْرتِ سيّدنا ابو قِلابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: "رجب جي روزي دارن جي لاءِ جنّت ۾ هڪ مَحَل آهي."

(شُعَبُ الايمان ج3 ص 368 حديث3802، از فيضانِ سُنّت،ص1365)

2. حضرت سيّدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جنّت ۾ هڪ نهر آهي جنهن کي رجب چيو وڃي ٿو، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ سفيد ۽ ماکي کان وڌيڪ مٺو آهي، ته جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو الله تعاليٰ ان کي ان نهر مان سيراب فرمائيندو."

(شُعَبُ الايمان ج 3 ص367 حديث3800 ،از فيضانِ سُنّت،ص1362)

3. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: رجب جي پهرئين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻئي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽئي ڏينهن جو رزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو رزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.

(الجامع الصَّغيرحديث 5051 ص311، از فيضانِ سُنّت،ص1362)

4. رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن رجب جو هڪ



www.dawateislami.net

روزو رکيو چڻ اهو هڪ سال جي روزن وانگر آهي، ۽ جنهن ست روزا رکيا تہ ان تي دوزخ جا ست ئي دروازا بند ڪيا ويندا، جنهن اَٺ روزا رکيا تہ ان جي لاءِ جنّت جا اٺ ئي دروزا کوليا ويندا، جيڪو ڏهہ روزا رکي تہ **الله تعالٰي** کان جهڙي شيءِ گهرندو اهو کيس عطا فرمائيندو، ۽ جيڪو پندرهن روزا رکندو تہ آسمان مان هڪ مُنادي نِدا ڏيندو (يعني اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو) تہ تنهنجا پويان گناهہ بخشيا ويا، بس هاڻي تون پنهنجا عمل نئي سري سان شروع ڪر جو تنهنجون برائيون نيڪين سان تبديل ڪيون ويون آهن، ۽ جيڪو وڌيڪ رکي تہ **الله تعالٰي** ان کي وڌيڪ ڏيندو.

(شُعَبُ الْاِيمان ج3 ص368 حديث3801 از فيضانِ سُنّت،ص1365)

5. حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن **روزيدار قبرن** مان نڪرندا تہ اهي روزي جي بوء کان سڃاتا ويندا انهن جي لاءِ دستر خوان ۽ پاڻي جا ڪوزا رکيا ويندا جن تي **مُشڪ** سان مهر هوندي انهن کي چيو ويندو کائو ڪالهہ توهان بُکايل هئا، پيئو ڪالهہ توهان اُڃايل هئا، آرام ڪريو ڪالهہ توهان ٿڪيل هئا پوءِ اهي کائيندا ۽ آرام ڪندا جڏهن تہ ماڻهو حساب جي تڪليف ۽ اڃ ۾ مبتلا هوندا.

(ڪنزالعمال ج 8 ص313 حديث 23639 والتدوين في اخبار قزوين ج 2 ص326، از فيضانِ رَمَضان، ص 1340)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **ڏٺو اوهان تہ** رَجَبُ الْمُرَجَّب جا روزا رکڻ وارن کي ڪيترو نہ عظيم ثواب ملندو، رَجَبُ الْمُرَجَّب جا روزا رکڻ وارن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ خاص محل تيار ڪرايو آهي، انهن خوش نصيبن کي الله عَزَّوَجَلَّ رجب نالي نهر مان سيراب ڪندو، انهن جي لاءِ جهنّم جا



www.dawateislami.net

دربند ڪيا ويندا ۽ جنّت جا در کوليا ويندا، انهن جا روزا گناهن جو ڪفارو ٿي ويندا ۽ محشر جي ڏينهن جي ناقابل برداشت گرمي، بک ۽ اڃ ۾ انهن جي لاءِ ڪائڻ پيئڻ ۽ آرام جو بندوبست ڪيو ويندو.

نفلي روزن جون ايترين زبردست فضيلتون ۽ برڪتون ٻڌڻ کان پوءِ اسان مان هر هڪ کي گهرجي ته فرض روزن سان گڏ نفلي روزن جو به خوب اهتمام ڪيون، رجب المرجب جي اچڻ سان ئي ته روزن جو موسم شروع ٿي ويندو اهي پهريان رجب المرجب جا روزا پوءِ شعبان جا روزا اسان جا پيار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعْبان جا روزا ڪثرت سان رکندا هئا.

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: حضورِاڪرم، نورِ مجسم، شافعِ اُمم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي مون شعبان** کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ **روزا** رکندي نه ڏٺو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سواءِ ڪجهه ڏينهن جي پوري ئي مهيني جا روزا رکندا هئا.

(تِرمِذي ج 2 ص 182 حديث736، فيضانِ سُنّت،ص1340)

انهي ڪري اسان کي به شعبان جا روزا رکندي رمضان شريف جي آجيان ڪرڻ گهرجي، ان کان پوءِ شوال جا روزا رکڻ گهرجن. فرمانِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن **رمضان** جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ **ڇهه شوال** ۾ رکيائين. ته ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا ". (صحيح مسلِم ص592حديث1164،از فيضانِ سُنّت،ص1401) ۽ زهي نصيب انهن مهينن جا رزوا رکڻ سان گڏوگڏ اسان کي هر سومر شريف جو به روزو رکڻ جي سعادت حاصل ٿي وڃي.



www.dawateislami.net

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي، حَضْرتِ علاّمہ مَوْلَانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي نفلي روزن سان ايترو تہ پيار آهي جو سال جي منع ڪيل ڏينهن کان علاوه پاڻ اڪثر روزيدار هوندا آهن، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وَقتا فوقتاً پنهنجي مريدن ۽ محبت رکڻ وارن کي بہ سڄي رجب ۽ شعبان جا روزا رکڻ ۽ هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي ڀرپور ترغيب ڏيارين ٿا، سندن جي ترغيب جي ڪري ڪافي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون رَجَبُ الْمُرَجَّب ۽ شَعْبانُ المُعظَّم جا سمورا نہ تہ اڪثر روزا رکڻ جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، ۽ سومر شريف جو روزو رکڻ وارن جو بہ تعداد بہ چڱو آهي چوتہ سومر شريف جو روزو رکڻ تہ مدني انعام ۾ بہ شامل آهي جيئن مدني انعام نمبر 58 ۾ آهي:

چا توهان هن هفتي **سومر شريف** (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) جو **روزو** رکيو؟ ۽ پڻ هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ڪاڌي ۾ **جوءِ شريف جي ماني** تناول فرمائي؟

عِبادت میں، رِیاضَت میں، تِلاوت میں لگا دے دل
رَجَب کا واسِطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولٰی

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت جن جو نفلي روزن جي ترغيب ۽ فضائل تي مشتمل هڪ خوبصورت خط مبارڪ ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

مڪتوبِ عطار

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ **سگِ مدينہ محمّد الياس عطار قادري رضوي** عُفِيَ عَنه **جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن ، اسلامي ڀينرن ، مدارس المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ جي اساتذه ، طَلَبہ معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبہء مُشَرّف جي چوڌاري گهمندو، گنبذ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،**

اَلسَّلَامُ عَلَيكُم وَرَحمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه    اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ عَلٰى كُلِّ حال

ہو نہ ہو آج کچھ مرا ذکر حضور میں ہوا

ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں (حدائق بخشش)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ڀيرو وري خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا رجب شريف جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ المُعَظم** ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## ٽن مهينن جا روزا

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي جلدي جلدي ۽ جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن



www.dawateislami.net

سان گڏ جنهن ڪان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ ڪمر بستہ ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ ڪائي ڪري پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهاريون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف ڪان ئي روزن جو آغاز فرمائيندا وڃو.

## رجب جي ابتدائي (پهريان) ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالھ آهي!

حضرت سيّدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُما ڪان روايت آهي تہ بيچين دِلين جي چين، رحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرمَين، سروَرِ ڪَونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: "رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي."

(الجامع الصغير للسيوطي ص 311 حديث 5051 فضائل شهر رجب للخلال ص 7)

میں گنہگار گناہوں کے سوا کیا لاتا
نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نِکوکار کے پاس

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

نفلي روزن جون بہ چا نہ خوب بهارون آهن هن ضِمن ۾ بہ مبارڪ حديثون ملاحظ فرمايو،

## (1) فِرشتا ڪڏهن دعاءِ مَغفِرت ڪنداآهن؟

حضرت سيّدَتُنا اُمِّ عَمَّارَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا فرمائن ٿيون: حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا تہ مون پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ ڪاڌو پيش ڪيو تہ ارشاد فرمايائون: "تون بہ ڪاءُ" مون عرض ڪيو: "مان روزي سان آهيان" تہ رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيستائين روزيدار جي سامهون ڪاڌو ڪاڌو ويندو آهي. **فِرشتا ان روزيدار جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن** ." (سنن ترمذي ج 2 ص 205 حديث 785)

## (2) روزيدار جون هڏيون ڪڏهن تسبيح ڪنديون آهن؟

**حضرت** سيّدنا بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مُعَظم ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حُضُور پُر نُور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪر، عرض ڪيائون: **يارسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان روزيدار آهيان، تہ **رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! چا توکي



www.dawateislami.net

خبر آهي تہ جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجهہ کاڌو وجي تيستائين انهي جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، ان کي فرشتا دعائون ڏيندا آهن.

(شعب الايمان ج 3 ص 297 حديث 3586)

مُفَسِّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن کاڌو کائڻ دوران ڪو اچي وڃي تہ ان کي بہ کائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي هيئن نہ چوي تہ مونکي خواهش ناهي، تہ جيئن بک ۽ ڪوڙ گڏجي نہ وڃن، بلڪ جيڪڏهن (نہ کائڻ چاهي يا) کاڌو گهٽ ڏسي تہ چوي بَارَكَ اللهُ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ تو کي برڪت ڏي) هي بہ معلوم ٿيو تہ سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پنهنجون عبادتون نہ لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن تہ جيئن حضور پُر نُور، شافعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواهہ بڻجي وڃن، ۽ اهو ظاهر ڪرڻ رياء ناهي (حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي روزي جو ٻڌي ڪري جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) تہ يعني اڄ جي روزِي اسان تہ پنهنجي هتي ئي کائي ونون ٿا ۽ حضرت سيّدنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ کائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر بہ هوندو ۽ زياده بہ، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسْبِيح (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي



www.dawateislami.net

پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌندا آهن . (مراٰة ج 3 ص 202 )

**مطالعو** ڪيو هجي تڏهن بہ ٻئي رسالا (1) **ڪفن جي واپسي** ۽ رجب جون بهارون ۽ (2) **آقا** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جومهينو** پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال **شعبان المُعَظّم** ۾ **فيضان سنّت** جو باب **فيضانِ رمضان** ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ٿي سگهي تہ **عيدِ مِعراجُ النبي** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق **فيضانِ رمضان** بہ تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جملہ قاري صاحبان، استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ **مدني عرض** آهي تہ براءِ ڪرم! (منهنجي جيئري ۽ مرڻ کان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا مدني عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ٻين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب ڏيارين) خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ



www.dawateislami.net

دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب ڪان منهنجي دل ڏڪندي آهي .

**خصوصي مدني گُل:** جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ چندو جمع ڪرڻ چاهن ٿا انهن ڪي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، تاڪيد سان عرض آهي ته جيڪڏهن پڙهي چڪا آهيو تڏهن به **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل 107 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**چندي جي باري ۾ سوال جواب**" جو ڀيهر مطالعو فرمايو. يا الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون انهن کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار کان به هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ (عذر نه هجڻ جي صورت ۾) هر سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جُمادي الآخرٰي ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ **رَجَبُ المُرَجَّب** ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ **شَعبان المُعَظّم** ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي ونڻ جي سعادت حاصل ڪري مون کي ۽ ان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان کي بي حساب بخشي ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک.

اٰمين بِجاهِ النَّبِيّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

## جشنِ مِعراجُ النّبي

دعوتِ اسلامي جي طرف کان **رَجَبُ المُرَجَّب** جي ستاويهين رات، **جشنِ معراج النبي**صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ تمام اسلامي ڀائر شروع ڪان آخر تائين شرڪت فرمائيندا ڪريو ۽ پڻ 27 **رجب شريف جو رزو رکي ڪري 60 مهينن جي روزن جي ثواب جا حقدار بڻجو.**

رجب کی بہاروں کا صدقہ بنادے

ہمیں عاشق مصطفٰی یا الٰہی

## اکين جي حفاظت جي لاءِ مدني گُل

**پنجن** وقتن جي نماز ڪان بعد ساڄو هٿ پيشاني تي رکي ڪري **يَانُوۡرُ** يارهن (11) ڀيرا هڪ ساهي ۾ پڙهو ۽ ٻنهي هٿن جي سيني آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ نابينائي، نظر جي ڪمزوري ۽ اکين جي سيني بيمارين ڪان **تَحفُّظ** حاصل ٿيندو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انڌائپ بہ ختم ٿي سگهي ٿي.

**مدني التجا:** هي مڪتوب هر سال جُمادَي الأُخرٰي جي آخري جمعرات جو هفتيوارسنّتن ڀري اجتماع /جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ پڙهي ڪري ٻڌايو. (اسلامي ڀينرون ضروت مطابق ترميم فرمائن.)



www.dawateislami.net

## مجلسِ حج ۽ عمره

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ نيڪيون ڪرڻ گناهن کان بچڻ جو خوب ذهن ڏنو ويندو آهي، ۽ منظم طريقي سان مدني ڪمن کي وڌائڻ جي لاءِ ڪيئي شعبا پڻ قائم ڪيا ويا آهن انهن مان هڪ شعبو **”مجلسِ حج ۽ عُمره“** بہ آهي، هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حج هڪ اهم عبادت آهي، هر سال لکين مسلمان هڪ ئي لباس ۾ رنگ ۽ نسل جي فرق کي ختم ڪري پاڻ ۾ نفرتون ۽ رنجشون وساري حرم جي سرزمين تي گڏ ٿيندا آهن، انهن جي اِتّفاق ۽ اِتّحاد جو اهو انداز ڏسي پوري دنيا حيران ٿي ويندي آهي، اها گهڙيءَ عاشقن جي لاءِ ڪنهن وڏي نعمت کان گهٽ ناهي، ڇوتہ رب عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ جڏهن حاضري جو پروانو ملندو آهي تہ اهو شوق ڏسڻ وٽان هوندو آهي.

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حَضْرتِ علّامہ مَوْلانا ابُو بلا ل محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه حج تي وڃڻ وارن ڪثير اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي تربيت تي بہ خاص توجهہ ڏنو ۽ انهن کي بارگاهِ خُداوَندي ۽ بارگاهِ مُصْطَفٰوِي جا ادب سکارڻ جي لاءِ هڪ مشهور ڪتاب **”رفيق الحرمين“** لکيو ۽ مڪي مديني جي فضائن ۾ پنهنجي ساهن کي معطر ڪرڻ لاءِ وڃڻ وارن کي ادب ۽ ٻين ضروري مسئلن وغيره سان آگاهہ ڪرڻ جي لاءِ **”مجلس حج ۽ عُمره“** ٺاهي آهي، هر سال حج جي موسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ **”مجلس حج ۽ عُمره“** جي انتظام هيٺ دعوت اسلامي جا مبلغ حاجين جي تربيت ڪندا آهن، حج ۽ زيارت مدينہ منوره



www.dawateislami.net

زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي رهنمائي جي لاءِ مديني جي مسافرن کي حج ۽ عمري بابت ڪتاب مثال طور **رَفِيقُ الْحَرَمَين** ۽ **رَفِيْقُ الْمُعْتَمِرِين** بہ مُفْت پيش ڪيا ويندا آهن

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　　اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب!　　　صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان رجب جي بهارن جي باري ۾ ٻڌو، سڀ کان پهريان اسان رَجَبُ الْمُرَجَّب جي تَعْظِيم ڪرڻ واري هڪ غير مُسْلِم جي ٻڌي بهار جنهن غير مُسْلِم هئڻ جي باوُجُود رَجَبُ الْمُرَجَّب جي تعظيم ڪندي گناهہ ڇڏي ڏيڻ جو ارادو ڪيو تہ الله تعاليٰ ان کي ايمان جي دولت سان نوازي ڇڏيو ۽ اها بہ خبر پئي تہ رجب انهن مهينن مان آهن جنهن جي حُرمت ۽ عَظمت جو اعلان الله عَزَّوَجَلَّ قرآن شريف ۾ ڪيو آهي، انهي مقدس مهيني ۾ روزن جي بہ گهڻي فضيلت آهي.

هن مهيني جو پهريون روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻئي ڏينهن جو ٻن سالن جو ۽ ٽئي ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي ۽ پوءِ رجب جي ستاويهن رات جي عظمت ۽ فضيلت جي لاءِ اهو ڪافي آهي تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج جو عظيم **مُعْجِزَو** عطا ڪيو ويو، انهي ڏينهن روزو رکڻ 100 سالن جي روزن جي برابر ۽ عبادت ڪرڻ 100 سال جي عبادت جي برابر آهي.



www.dawateislami.net

اھو ئي سبب ھو جو بزرگان دين ھن ۾ عبادت ۽ روزي جو خاص اھتمام ڪندا ھئا، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي رجب ۾ خوب خوب عبادت ڪرڻ، ڪثرت سان استغفار ڪرڻ ۽ گناھن کان سچي توبہ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجاهِ النَّبِی الْاَمِين صلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارھن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن اسان بہ پنھنجي اسلاف جي سيرت تي عمل ڪندي علم دين حاصل ڪرڻ، گناھن کان بچڻ، فڪر آخرت جي لاءِ ڪڙھڻ ۽ خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ زندگي بسر ڪرڻ چاھيون ٿا تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 **مدني ڪمن** ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندا رھو، ذيلي حلقن جي 12 مدني ڪمن ۾ ھفتيوار ھڪ مدني ڪم **"علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت"** پڻ آھي، نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اھڙو اھم ڪم آھي جو سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **بلڪ خود سيدُالْانبياء، محبوبِ خدا** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ انھي مقصد جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو ويو، انھن مقدس ھستين ڪافي مشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون پر نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کي منع ڪرڻ جي انھي عظيم فريضي کي سرانجام ڏنو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ** اسلامي جو مدني ماحول اسان کي بہ نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سَيدُالانبياء صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ھن پياري پياري سنّت تي



www.dawateislami.net

عمل ڪرڻ جي لاءِ هر هفتي **”علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت“** ۾ شرڪت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ٿو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت** جي برڪت سان مسجد ۾ نمازين جو تعداد وڌي ويندو آهي ۽ ائين به ٿيندو آهي جو علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت جي ذريعي سماج جا بگڙيل ماڻهو به دعوت اسلامي سان وابسته ٿي صلوٰة و سُنَّت تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويندا آهن، انهي ڪري اسان کي به وقت ڪڍي انهي عظيم مدني ڪم ۾ حصو وٺڻ گهرجي. انهي جي باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## نيت صاف منزل آسان

**عاشقانِ رسول** جو هڪ مدني قافلو ڪَپَڙوَنج (گجرات الهند) پهتو، **”علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت“** جي دؤران هڪ شرابيءَ سان اوچتو ملاقات ٿي وئي، عاشقانِ رسول ان تي خوب **انفرادي ڪوشش** ڪئي، جڏهن ان سبز عمامي وارن جون شفقتون ۽ پيار ڏٺو ته هٿو هٿ انهن سان گڏ هلي پيو، عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان گناهن کان توبهه ڪيائين، ڏاڙهي مبارڪ وڌايائين، سبز عمامي جو تاج به مٿي تي سينگارجي ويس، مدني لباس جو به ذهن بڻجي ويس، ڇهن ڏينهن تائين مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪرڻ جي نيّت ڪيائين پر زادِ قافلا يعني سفر لاءِ پئسا ڪونه هُيس. هڪ ڏينهن هڪ مائٹ سان ان جي ملاقات ٿي وئي ان جڏهن معاشري جي بدنام ۽ شرابي کي ڏاڙهي، سبز سبز عمامي ۽ مدني لباس ۾ ڏٺو ته ڏسندي



www.dawateislami.net

ئي حيران ٿي ويو، جڏهن ان کي ٻُڌايائين تہ هي سڀ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت آهي ۽ اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسباب هجڻ جي صورت ۾ وڏيڪ 92 ڏينهن جي سفر جو پختو ارادو آهي. ان تي ان مائٽ چيس، "پيسن جو فڪر نہ ڪريو. 92 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو خرچ مون ڪان وٺجو ۽ ان سان گڏ مان 92 ڏينهن تائين توهان جي گهر جو خرچ بہ پنهنجي ذمي کڻان ٿو. اهڙيءَ ريت اهو ديوانو 92 ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو. (فيضان بسم الله، ص17)

ياخُدا! نکلوں ميں مدني قافلوں کے ساتھ کاش!

سُنّتوں کي تربيت کے واسطے پھر جلد تَر!!

خُوب خِدمت سُنّتوں کي ہم سَدا کرتے رہيں

مدني ماحول اے خُدا ہم سے نہ چھوٹے عُمر بھر

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

[1] مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة،97/1،حديث: 175



www.dawateislami.net

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَليٰ مُحَمَّد

# ”اِثمِد“ جي چاراڪرن جي نسبت سان سرمولڳائڻ جا چار مدني گل

پيش ڪيل هر مدني گل کي سنت رسول مقبول عليٰ صاحِبِها الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي محمول نہ فرمايو، ان ۾ سنتن کان علاوه بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰي کان منقول مدني گل بہ شامل آهن. جيستائين يقيني طور تي معلوم نہ هجي، ڪنهن عمل کي ”سنتِ رسول“ نٿو چئي سگهجي.

﴿1﴾ ”سننِ ابن ماجہ“ جي روايت ۾ آهي: ”تمام سرمن کان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“.

(ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115)

﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي نيّت) سان مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ زينت مقصد نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰۃ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري



www.dawateislami.net

واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218-219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٺنهي تي عمل ٿيندو رهندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، ٺنهنڪري ڀهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

مختلف هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارشريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

رهوں ہر دم مسافر کاش "مَدَني قافِلوں" کا میں
کرم ہو جائے مَوْلا گر! عنایت یہ بڑي ہوگي

(وسائلِ بخشش، 393)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو : انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ

مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡہَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

---

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(2)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

◆◆◆

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

2...القول البديع،الباب الاول،ص125



www.dawateislami.net